اصفان خاتون خشڪ

# مولانا دين محمد وفائيءَ جون لطيفيات ۾ علمي خدمتون


**Abstract:**

*Moulana Deen Mohammed Wafai, a renowned scholar and journalist, was born on the 14th of April 1884 in a literary family of District Shikarpur. He acquired religious education from well-known scholars of Sindh including Moulana Haji Mohammed Aslam, Moulana Mohammed Qasim Garhee Yaseeni, Moulana Khadim Hussain Jatoi, Moulana Ghulam Umer Jatoi, Moulana Hasan Ali Patai and others. Moulana Wafai practically worked with Khilafat Movement and also worked as a journalist at Daily 'Al Waheed.' He had issued monthly, 'Saheefia Qadriya' from Ranipur in 1916 A.D and a literary magzine 'Al Kashif' from Larkana in 1918 A.D. He had started monthly magazine 'Toheed' from Karachi which continued even after his death in the year 1950. Logic and truth not only prevails but is apparent in the journalistic and literary writings of Moulana Wafai. He authored many autobiographies and books on history, culture, literature, and Seert-ul-nabi. He did notable work on Shah Latif's life and poetry. His two books 'Lutuf Latif' and 'study of Shah jo Risalo 'were research oriented studies on Shah Latif's poetic thoughts.*

*First Edition of 'Lutuf Latif 'was published in 1950, in which Moulana Wafai elaborately illustrated Shah Latif's life, contemporaries, and the cultural and political scenario of Sindh at that time.*

*'Study of Shah jo Risalo' was published much after Moulana Wafai's death in the year 1962. In the said book Wafai Sahab explains the political and social situations of Sindh. He opportunely describes the class differences that existed between the rich and the poor people of Sindh of those times. The book aptly describes how Shah Latif makes mentions of birds and animals in his poetry, and the collection of Shah's poetry.*


**سنڌ** جي نامياري عالم، اديب، صحافي ۽ ڏاهي مولانا دين محمد وفائيؒ جو جنم اتر سنڌ جي هڪ اهڙي علمي خاندان ۾ ٿيو، جنهن پنهنجي علم ۽ فضل ذريعي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair





خلق ۾ نالو ڪمايو. مولانا وفائي، ان خاندان جي علم ۽ فضل جو وارث ۽ پنهنجي بزرگن جو سچو جانشين هو. مولانا وفائيؒ جي انهن بزرگن، جيڪي پنهنجي علم، فضل ۽ صاحب فن هجڻ سبب پنهنجي پنهنجي دؤر جا نامور هئا، مان جنهن پهرين شخصيت جو نالو اسان کي ملي ٿو، اها حڪيم محمد صالح پٽي جي شخصيت هئي. هيءُ بزرگ مولانا وفائيءَ جو پڙ ڏاڏو هو.[١] سندس بابت جيتوڻيڪ تفصيل نٿو ملي، پر ايتري وضاحت ملي ٿي، ته هو هڪ حڪيم ۽ طبيب هو.[٢] جيڪا ڳالهه پڻ تڏهوڪي معاشري ۾ اهميت رکندڙ هئي.

حڪيم محمد صالح جي هڪ پٽ جو نالو مولوي مير محمد هو، جيڪو هڪ عالم دين، طبيب ۽ عالم فاضل شخص هو، وٽس هڪ ڪتب خانو هو، جنهن ۾ سوين مخطوطات هئا. سندس علم ۽ فضل، دينداري ۽ طب ۾ مهارت سبب نه رڳو سنڌ، پر بلوچستان ۾ پڻ هاڪ هئي.[٣] حڪيم مولوي مير محمد کي ٻه فرزند هئا: عبدالرحمٰن ۽ گل محمد. انهن پڻ پنهنجي والد وانگر ديني علم، درس و تدريس ۽ طب ۾ نالو ڪڍيو. پر ان سان گڏ مولوي عبدالرحمٰن پٽي سنڌي ۽ فارسي جو نامور شاعر پڻ هو.[٤]

مولانا وفائي صاحب پنهنجي چاچي مولانا عبدالرحمٰن، جيڪو شاعريءَ ۾ 'محسن' تخلص استعمال ڪندو هو، بابت لکي ٿو: ”مولوي عبدالرحمٰن نبي آبادي، نبي آباد ڳڙهي ياسين ۾ هڪ ڳوٺ آهي، اتي جو رهاڪو هو. هيءُ بزرگ ننديءَ عمر ۾ ئي هن ڳوٺ ۾ اتان جي زميندارن جي خواهش تي اچي آباد ٿيو هو. مولوي واليڏني کان پنيي ديري ۾، ۽ مولوي محمد مبارڪ (جندي ديري) کان علم جي تحصيل ڪيائين ۽ مٿيان ڪجهه ڪتاب خليفي محمد يعقوب همايوني کان پڙهيائين. ان کان پوءِ صوفي فقيرن کان فيض حاصل ڪيائين ۽ قادري سلسلي جي شغل جي اجازت ورتائين، بعد ۾ مخدوم پير بخش محمد پوري کان بيعت ۽ خلافت ورتائين. مولوي عبدالرحمٰن پنهنجي آس پاس ۾ ڪافي اثر رسوخ رکندڙ بزرگ هو. سندس معتقدن جو حلقو وسيع کان وسيع تر ٿي رهيو هو، ته ٦٣ سالن جي ڄمار ۾ ١٣٠١ھ ۾ هن فاني دنيا کان رحلت فرمايائين.“[٥]

حڪيم خليفو گل محمد پٽي جيڪو مولانا دين محمد وفائي جو والد سڳورو هو، مولانا حڪيم مير محمد پٽيءَ جو سينيءَ کان ننڍو پٽ هو. هو نه رڳو هڪ ماهر طبيب ۽ علمي ذوق رکندڙ بزرگ هو، پر پنهنجي فرزند مولانا دين محمد وفائيءَ جو

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

پهريون استاد پڻ هو. مولانا صاحب شروعاتي فارسي ڪتابن کان وٺي پندنامہ عطار تائين ڪانئس پڙهيو. ان دوران سندس وفات ٿي وئي، مولانا وفائيءَ جي ڄمار ان وقت تقريباً ۹ ورهيہ هئي.[٦]

## ١- ولادت:

دين محمد ولد گل محمد پيٽي جيڪو اڳتي هلي سنڌ جي علم، ادب ۽ صحافت توڙي قومي خدمتن جي آسمان ۾ هڪ وهائو تارو بڻجي اڀريو، ٢٧ رمضان المبارڪ ١٣١١ھ مطابق ١٤ اپريل ١٨٩٤ع تي تعلقي ڳڙهي ياسين ضلعو شڪارپور جي ڳوٺ ڪٽي عرف نبي آباد ۾ پئدا ٿيو.[٧] ۹ ورهين جو هو تہ پدري شفقت کان محروم ٿي ويو ۽ يتيميءَ جي حالت ۾ پنهنجي والده جي شفقت ڀرئي آغوش ۾ پرورش ورتائين.

## ٢- تعليم ۽ تربيت:

مولانا دين محمد وفائي پنهنجي آتم ڪهاڻي ۾ لکي ٿو تہ: ”ابتدائي تعليم جي وقت ۾ فارسيءَ جا ڪتاب پندنامہ عطار تائين پنهنجي والد مرحوم وٽ پڙهيم. اجا ۹ ورهين جو هوس تہ پدري شفقت کان محروم ٿي ويس ۽ يتيميءَ جي حالت ۾ پنهنجي والده جي شفقت ڀرئي آغوش ۾ پرورش ورتم. فارسيءَ جو سڄو نصاب سڪندر نامہ نظامي ۽ بهار دانش ۽ انشاء خليفہ وغيره پنهنجي عزيز مرحوم ميان حاجي محمد اسلم وٽ پورا ڪيم. ١٣٢٤ ھ ۾ عربي شروع ڪرڻ کان پوءِ ڪن سببن ڪري پڙهائيءَ ۾ رڪاوٽ پئجي وئي، آخر ١٣٢٥ھ کان وٺي حضرت مولانا ابوالفيض غلام عمر جتوئي ذات فيضانہ ڳوٺ سوني جتوئي تعلقي لاڙڪاڻي ۾ ١٣٣٠ھ تائين پنجن ورهين ۾ عربيءَ جا سيئي درسي ڪتاب ۽ منطق ڪبريٰ جا رسالا ملا جلال ۽ مير زاهد سميت ختم ڪري، تحصيل علم کان فراغت حاصل ڪيم. ان وقت منهنجي ڄمار مشڪل سان ١٩ ورهيہ هئي.“[٨]

مولانا وفائيؒ جي تعليم ۽ تربيت واري دؤر بابت مٿي ڄاڻايل اجمالي بيان جي وضاحت ڪندي، سندس ساٿي ۽ هم عصر عالم مولانا غلام مصطفيٰ قاسميؒ لکي ٿو: ”ان دؤر جي دستور موافق ابتدائي تعليم مقامي ڳوٺاڻي مدرسن ۾ وٺڻ کان پوءِ عربي تعليم لاءِ ٻاهر نڪتو. ڳڙهي ياسين ۾ مولانا محمد قاسم (ڳڙهي ياسيني) مرحوم ۽ اوستہ پلي ڏنہ آباد ۾ مولانا خادم حسين (جتوئي) مرحوم کان ڪجهہ عربي





تعليم حاصل ڪري، تحصيل علم جا پويان ٽي سال ڳوٺ سوني جتوئي لڳ لاڙڪاڻي ۾ مولانا غلام عمر (جتوئي) مرحوم وٽ رهي سيالڪوٽي تحصيل پوري ڪيائين. مطلب تہ ڇئن پنجن سالن جي ٿورڙي مدت ۾ ڏهن سالن جو ڪورس ختم ڪيائين. مولانا غلام عمر، حاجي حسن الله پاٽائيءَ جي وڏن شاگردن مان هو. مولانا وفائي مرحوم جي جڏهن رسم دستاربندي ادا ڪئي ٿي ويئي تہ ان مبارڪ مجلس ۾ حاجي حسن الله بذات خود موجود هو. ان دؤر ۾ علمي فراغت وقت هيءُ دستور هوندو هو تہ ان مجلس ۾ استاد يا استاد جو استاد ان فارغ ٿيل شاگرد کي پٽيءَ تي لکيل الف ب پڙهائيندو هو، تہ ڪيس هيءَ نصيحت ڪندو هو تہ: ”تون پاڻ کي ايئن خيال ڪر تہ نئون علم پرائڻ ويٺو آهين. مولانا وفائي مرحوم کي بہ حاجي حسن الله پٽي پڙهائي اها نصيحت ڪئي. سچ پچ تہ ان نصيحت جو مولانا صاحب تي وڏو اثر هوندو هو، هو هميشہ پاڻ کي هڪ طالب علم ڄاڻندو هو.“[٩]

مولانا قاسمي صاحب سنڌ جي هن نامور عالم دين جي تعليم ۽ تربيت جي ضمن ۾ جنهن ڪسر نفسيءَ جي ڪيفيت جو بيان ڪيو آهي. سچ پچ تہ تاريخ اسلام جي اهائي املهہ مُوڙي آهي، جيڪا بعد جي دؤرن ۾ ديني توڙي دنيوي تعليمي نظام مان آهستي آهستي اٽلپ ٿيندي وئي. اڄوڪي تعليمي نظام تي تڏهوڪي تعليمي نظام جي علمي توڙي عملي اعتبار کان برتريءَ جو سڀ کان وڏو سبب پڻ ان خوبيءَ جو تڏهوڪي دؤر ۾ اُتم درجي تي هئڻ ۽ بعد جي دؤرن ۾ ان جي گهٽتائي هجڻ معلوم ٿئي ٿو.

مولانا وفائيءَ جي مزاج ۽ طبيعت ۾ ڪسر نفسي، نهٺائي ۽ عاجزي ٿلهو استادن جي نصيحت سبب يا مصنوعي طور طريقن جي صورت ۾ نہ هئي پر اُها سندن طبيعت ۽ فطرت ۾ قدرتي طور موجود هئي ۽ الٰهي ذات جي طور تي هئي، اهو ئي سبب آهي، جو پاڻ باوجود هڪ فارغ التحصيل عالم دين هجڻ ۽ تنهن دؤر جي مڃيل ۽ نامور عالمن جهڙوڪ مولانا تاج محمود امروٽي، پير رشد الله شاهہ جهنڊي وارو جي هم صحبت هجڻ جي، جڏهن ١٩٣٩ع ۾ مولانا عبيدالله سنڌيؒ طويل جلاوطني ڪاٽڻ بعد پنهنجي ديس سنڌ ۾ آيو تہ پاڻ ان آڏو وڏي ذوق ۽ شوق سان گوڏا ڄيي، ويهي علم پرائڻ لڳو. مولانا قاسمي صاحب لکي ٿو:

”مولانا وفائي مرحوم الوحيد (اخبار) جي ايڊيٽري ڇڏي.“[١٠] ”ڳوٺ پير



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جهنديءَ ۾ مولانا سنڌيءَ جي حضور ۾ رهي، ترجمو قرآن مجيد ۽ فلسفه ولي اللهؒ جو به چار مهينا درس وٺندو رهيو.“(١١) اهڙيءَ ريت تحريڪ آزاديءَ جي اڳواڻ ۽ تمام وڏي عالم مولانا عبيدالله سنڌيءَ جو شمار پڻ مولانا وفائي جي استادن ۾ ٿئي ٿو.

جيتوڻيڪ مولانا وفائيؒ اتر سنڌ جي ڀراڙيءَ سان تعلق رکندڙ هڪ نامور علمي گهراڻي ۾ اک کولي، پر پوءِ به اها ڳالهه نهايت اهم آهي ته، ”عام طور جن دقيق ۽ ڏکين ڪتابن کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ شاگردن کي ڏهن سالن کان وڌيڪ عرصو لڳي ويندو هو، اهي مولانا صاحب پنجن سالن جي ٿوري عرصي ۾ پڙهي پورا ڪيا.(١٢)

انهيءَ غير معمولي ذڪاوت، سمجهه ۽ هوشياريءَ سبب مولانا صاحب فارغ التحصيل ٿيڻ بعد درس و تدريس سان گڏ ’صحافت‘ جهڙي ان دؤر جي انتهائي ذڪي ڪيتر سان وابسته ٿي ويو.

جنهن زماني ۾ مولانا وفائي راڻيپور ۾ (درس و تدريس جي سلسلي ۾ رهيل) هو، ته حڪيم محمد صادق صاحب سنڌس مشوري ۽ سنڌس زير ادارت هڪ ماهوار سنڌي رسالو ’ماهنامه صحيفه قادريه‘ جي نالي سان جاري ڪيو هو. هي واقعو ١٩١٦ع جو آهي. ان وقت مولانا وفائي مرحوم جي ڄمار ٻاويهه ورهيه هئي. (١٣)

ان کان پوءِ ”مولانا صاحب ٿلاهه مان سن ١٩١٨ع جي اپريل مهيني کان هڪ باقاعده علمي ادبي رسالو ”الڪاشف“ جاري ڪيو. هن رسالي ۾ علمي، ادبي، تاريخي مضمون شايع ٿيندا رهندا هئا. ان سان گڏ ان زماني جي گهرج مطابق فقه ۽ طب بابت ڪالم شايع ٿيندا هئا، جن ۾ بنيادي معلومات کان علاوه واسطيدار مضمونن متعلق سوال جواب پڻ هوندا هئا، جيڪي مولانا صاحب پاڻ ڏيندو هو.“(١٤)

هي اُهو دور هو، جڏهن پهرين مهاڀاري جنگ لڳڻ ڪري سڄي دنيا هڪ هلچل مان گذري رهي هئي. جنگ جي ختم ٿيڻ کان پوءِ، خلافت تحريڪ شروع ٿي. ان ۾ مولانا صاحب شرڪت ڪئي. ان وقت مولانا فيض الڪريم موري واري ڪن آفيسرن جي چُرچ تي ترڪيءَ جي خليفه خلاف ۽ شريف مڪه جي فائدي ۾ هڪ رسالو ’تحقيق الخلافته‘ لکيو، جنهن تي ڪيترن عالمن ۽ پيرن کان ڪامورن ذريعي صحيحون وٺي، ڇپائي، ان کي عام ماڻهن ۾ ورهايو ويو. ان جي رد ۾ مولانا تاج محمود امروٽيءَ جي نظرداريءَ هيٺ ’وفائي‘ صاحب رسالو ’اظهار الڪرامت‘ لکي تيار ڪيو، جو ٧ کان ٩ فيبروريءَ تي لاڙڪاڻي ۾ منعقد ٿيل خلافت ڪانفرنس جي موقعي تي ڇپائي ورهايو





ويو. سگهوئي پوءِ مولانا صاحب کي جميعت العلماء سنڌ جو ناظم مقرر ڪيو ويو جنهن ڪري هو. ڪراچيءَ ۾ رهڻ لڳو. مارچ ١٩٢٠ع کان الوحيد اخبار جاري ٿي، ان ۾ مولانا صاحب اسسٽنٽ ايڊيٽر ٿي ڪم ڪرڻ لڳو. ١٩٢٣ع ۾ مولانا صاحب ماهوار رسالو ’توحيد‘ جاري ڪيو، جنهن ۾ علمي، تاريخي، مذهبي مضمون شايع ٿيڻ لڳا.(١٥)

اهو مولانا صاحب جو ڀوهه جوانيءَ جو دؤر هو ۽ سنڌس غير معمولي علمي ڪمالات پڻ پنهنجي جوبن تي هئا، جو هڪ ئي وقت صحافتي، علمي، ادبي ۽ سياسي سرگرميون جاري رکيو پئي آيو. سنڌ جي نامور عالم، مؤرخ، صحافي ۽ اديب پيرعلي محمد راشدي مولانا وفائي صاحب جي علمي ڪمالات کي پنهنجي منفرد انداز بيان ۽ اسلوب ۾ بيان ڪندي، جيڪو ڪيس خراج تحسين پيش ڪيو آهي اهو پڙهڻ وٽان آهي:

”ان زماني ۾ الوحيد جي ايڊيٽريءَ جي معنيٰ هوندي هئي، ته هڪ پير الوحيد پريس ۾ ته ٻيو جيل ۾. ايڊيٽرن پٺيان ايڊيٽر گرفتار ٿيندا ٿي رهيا، پر الوحيد جي ڪرسي ڪڏهن خالي نه رهي. مولانا وفائي انهن جانبازن مان هو، جن دماغ ۽ قلم جي زور سان، سنڌ اندر آزادي ۽ عزت نفس جو جذبو جاڳايو ۽ پوين پساهن تائين ان جي پوئواري ڪندا رهيا. مٽن مُهين مس پڪاريائين، بي حساب نيٽن جو نور هاريائين، ان لاءِ ته سنڌين ۾ ڪا لوئيءَ جي لڄ پيدا ٿئي. مون کي سندن ديدار پهريون ڀيرو ١٩٢٤ع جي لڳ ڀڳ نصيب ٿيو. مون ’الراشد‘ نالي هڪ ماهوار رسالو ڪڍيو. فقير فقير کي نه سهي، ڪُتو ڪُتي سان نه ٺهي، وڏيرڪن ٺڪرن ۽ انگريز جي اشتهارن تي پلندڙ پرچن کي ڏاڍي منيان لڳي. چؤطرف ’الراشد‘ خلاف ڌوڙيو مچي ويو. آءٌ سيڪڙاڻ هوس، اخباري مقابلا ڪونه ڏٺا هئم. منجهي پيس، مولانا ڏانهن رجوع ڪيم. پاڻ لاڙڪاڻي اچي پهتو. گهاڙ پرتي پراڻي گيان باغ جي سامهون، منهنجي پاران جواب لکيائين. هڪ ئي مضمون ۾ مڙني معترضن جا لابارا لاهي ڇڏيائين.“(١٦)

مولانا گهڻوئي لکيو. رسالي ’الڪاشف‘ سان لکڻ شروع ڪيائين ۽ ’توحيد‘ تي بند ڪيائين. وچ ۾ ’الوحيد‘، ’آزاد‘، ’الحزب‘ ۽ ٻيا ڪيترا پرچا سنڌس قلم مان مستفيض ٿيندا رهيا. ساڳئي وقت ڪتابن جي تصنيف ۽ تاليف به هلندي رهي (مختلف وقتن تي ڪيئي علمي، ادبي، مذهبي، تاريخي ۽ سياسي ڪتاب لکيائون. سندن مشهور ڪتاب صحيح بخاري پنجن جلدن ۾، ’لطف اللطيف‘، ’شاهه جي رسالي جو مطالعو‘ ۽ ان کان سواءِ ’تذڪره مشاهير سنڌ‘ وغيره آهن.)(١٧)

مولانا صاحب جا علمي ڪمال علم ۽ ادب جي لڳ ڀڳ سڀني شعبن تي حاوي هئا. صوبائي، قومي ۽ بين الاقوامي سياست تي وڏي نظر هوندي هئس. ترڪن جو مسئلو هجي يا عربن جو، الجزائر جو هجي يا تيونس جو، هندستان جي سياست هجي يا سنڌ جي، هڪ روزاني اخبار جي ايڊيٽر جي حيثيت ۾ هر هڪ موضوع تي مولانا صاحب ڪي مضمون لکڻا پوندا هئا. روزاني اخبار جي مشغولين سان گڏ مولانا صاحب هر مهيني پنهنجو مشهور علمي، ادبي ۽ مذهبي رسالو 'توحيد' به جاري رکيو ايندو هو. 'توحيد' رسالو مولانا صاحب جي مضمونن سان سينگارجي، ڏاڍي باقاعدگيءَ سان شايع ٿيندو هو. جنهن لاءِ پڙهندڙ منتظر هوندا هئا. جن جي اڄ به ساڳي اهميت آهي. توحيد جي فائيلن مان اهي مضمون چونڊي، معلوماتي مقدمن سان جيڪڏهن شايع ڪيا ويندا ته سنڌي ادب ۾ نهايت قيمتي اضافو ٿيندو. انهن سڀني مشغولين سان گڏ تصنيف ۽ تاليف جو ڪم به جاري رهندو هو. سندن لکيل ڪتاب اڄ به ادب ۽ تحقيق جا شاهڪار ليکيا وڃن ٿا.

مطلب ته سنڌ ان وقت جن علمي ۽ فڪري بحرانن ڪي منهن ڏئي رهي هئي، مولانا وفائي صاحب انهن ئي موضوعن کي پنهنجي علمي ۽ عملي ڪاوشن جو مرڪز بڻايو. مولانا صاحب پنهنجي رسالن ۾ جيڪي مضمون لکيا. انهن ۾ غلط عقيدن ۽ رسمن جهڙوڪ قاديانيت، پيرپرستي وغيره جي مذمت ۽ استدلال سان رد ڪرڻ، سيرت النبيؐ، صحابه رضه جي سيرت، سوانح، علم، ادب، ثقافت ۽ سياحت جا موضوع اچي وڃن ٿا. مولانا صاحب جون اهي فڪري ڪاوشون بعد جي عالمن ۽ اديبن لاءِ فڪري رهنمائي ۽ رهبريءَ جو سبب بڻيون. جنهن ڪري سنڌ جي برک عالم، اديب ۽ نقاد محترم محمد عثمان ڏيپلائي، مولانا وفائي صاحب بابت جيڪو مضمون لکيو، ان جو عنوان ئي رکيائين 'منهنجو رهبر' جيڪو علي نواز وفائي پنهنجي مرتب ڪيل ڪتاب 'يادگار مولانا وفائي' ۾ شامل ڪيو آهي، ۽ سچ پچ ته مولانا وفائي پنهنجي دؤر، توڙي ايندڙ نسلن جي رهنمائي ڪئي، جنهن جي ساک ڀريندي، سنڌي ٻوليءَ جو هڪ ٻيو اديب ۽ قلم ڪار ڪريم بخش خالد هيئن لکي ٿو:

"رئيس المهاجرين جان محمد جوڻيجي بئريسٽر جي سوانح 'ياد جانان' سنڌي ٻوليءَ جي سوانحي ادب ۾ نمايان سنگِ ميل آهي. اهڙي طرح 'لطف اللطيف'، 'شاهه جي رسالي جو مطالعو' ۽ 'تذڪره مشاهير سنڌ' جيڪي پنهنجي نوعيت جا شاهڪار





آهن. انهن جي آسان زبان، عبارت عميق، فڪر انگيز موضوع ۽ سڀ کان مقدم مصنف جو انهن ڪتابن لکڻ جو مقصد ۽ پيغام ظاهر ڪن ٿا ته انهي زماني کان وٺي، جڏهن سنڌ پنهنجن جي بي توجهي سبب ذهني وڳوڙ ۾ مبتلا ٿي رهي هئي ۽ ان وقت تائين جڏهن سنڌ تي ڌارين جي تمدني ۽ تهذيبي، لساني ۽ سماجي رجحانن جي يلغار شروع ٿي ۽ سنڌي زبان ۽ ادب، رسم ۽ رواج، ثقافت ۽ معاشرت نگهوسار ٿي رهي هئي، تڏهن مولانا وفائي مرحوم پنهنجي قلم ذريعي نه فقط سنڌ جي ساک ساندي پر نوجوانن کي بروقت ۽ برملا آگاهه ڪري ڇڏيو 'اي نه ماروئن ريت، جو سيڻ مٽائين سون تي' اهو سندس علم ۽ سنڌ دوستيءَ جو ڪمال هو، جو سندس فيض مان ڪي راشدي بڻيا، ڪي شيدائي ٿيا ۽ ڪن پنهنجو سماجي رتبو وڌايو."(١٨)

مولانا وفائي صاحب، ٻين اهم موضوعن سان گڏ، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي سوانح ۽ شاعريءَ کي به پنهنجي تحقيق جو موضوع بنايو. ان سلسلي ۾ سندن دلچسپيءَ جو پسمنظر به ساڳيو سنڌ تي ڌارين جي لساني، تهذيبي ۽ تمدني يلغار هو. جيئن پاڻ ان ڳالهه جو اظهار لطيفيات جي سلسلي جي پنهنجي پهرئين ڪتاب 'لطف اللطيف' جي مهاڳ ۾ ڪيو اٿن. مولانا وفائي لطيفيات تي ٻه مڪمل ڪتاب آخر عمر ۾ لکيا، جيتوڻيڪ سندس سوانح تي پاڻ ان کان اڳ به جزوي طور لکي چڪا هئا. البته شاه جي سوانح تي ٻه مڪمل ڪتاب زندگيءَ جي آخري دؤر ۾ لکيائون. هيءُ اهو دؤر هو، جڏهن ننڍي کنڊ جو ورهاڱو تازو عمل ۾ آيو هو ۽ هن سرزمين تي هڪ نئون ملڪ 'پاڪستان' نمودار ٿيو هو. انهن حالتن ۾ ڪي اهڙا مُحرڪ پيدا ٿيا، جن مولانا وفائي صاحب جو ڌيان سنڌ جي عظيم صوفي شاعر حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ ڏانهن ڇڪايو. جيئن پاڻ هن ڪتاب جي 'منڍ' (مهاڳ) ۾ لکي ٿو:

"هندستان مان لڏيندڙن جو سيلاب، جيڪو سنڌ تي گهيرو ڪري رهيو آهي، تنهن مان ڪن دوستن گمان ٿي ڪيو ته، سنڌي ٻولي، سنڌي تهذيب، سنڌي مروت، سنڌي رهڻي ڪهڻي اڳتي هلي فنا ٿي وينديون. ڪن نوجوانن نعرو بلند ڪيو ته، سنڌ کي بچايو! سنڌ سنڌين جي آهي!! ڪن چيو ته سنڌي ٻوليءَ جي حفاظت ڪريو! سنڌي سپيتا جا رکوالا ٿيو. آءٌ سڀنيءَ کان الڳ اهو سڀ ڪجهه ٻڌي رهيو هوس، پر ايندڙ حالتن جو احساس رهندو هو ۽ ان بابت دل ۾ ويچار ويهندو هو ۽ پهه پڇائيندو هوس، ته ان لاءِ ڇا ڪجي. هڪ رات جاڳ ۽ خواب جي وچ ۾ مون کي سنڌ جي سرتاج صوفي،

حسيب، نسيب، شريف، واقف اسرارِ الٰهي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي پڙهڻ لاءِ چيو ويو. اڳ اگرچه رسالي سان منهنجو ڪو ايترو لاڳاپو نه هو، پر انهيءَ ڪجهي الهامي اشاري تي عمل ڪرڻ لاءِ آماده ٿي بيٺس. سمجهه ۾ آيم ته اهو اشارو سنڌي زبان ۽ سنڌي سڀيتا بچائڻ لاءِ آهي.“[19]

اهڙي ريت وفائي صاحب هڪ قومي جذبي ڀٽاندڙ شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي سوانح، شخصيت، سيرت ۽ فڪر بابت ڪوجنا ۽ تحقيق شروع ڪئي. هيٺ سنڌس ان موضوع سان لاڳاپيل ٻنهي ڪتابن جو تعارف پيش ڪجي ٿو:

## لطف اللطيف:

پهريون ڇاپو: ۱۹۵۰ع، صفحا: ۲۱۵، ڇپائيندڙ: مهراڻ پبلشنگ ڪمپني ڪراچي، ڇاپو ٻيون: ۱۹۶۵ع، ڇاپو ٽيون: ۱۹۶۸ع، ڇپائيندڙ: (ٽيون ڇاپو): وفائي پبلشنگ هائوس ڪراچي، صفحا: ۲۴۰.

هيءُ ڪتاب شاعرن جي سرتاج حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي شخصيت، سيرت ۽ زندگيءَ جي احوال تي مشتمل آهي. هيءُ ڪتاب مولانا صاحب وفات کان ۳ مهينا اڳ سيپٽمبر يا ڊسمبر ۱۹۴۹ع ۾ لکي پورو ڪيو.[20] جڏهن ته هن ڪتاب جو ديباچو مولانا وفائي مرحوم پنهنجي وفات کان ڇهه ڏينهن اڳ ۵- اپريل ۱۹۵۰ع تي مڪمل ڪيو هو. هيءُ ڪتاب سندس زندگيءَ ۾ ئي ڇپجڻ شروع ٿيو هو، پر اجا شايع نه ٿيو هو، جو مولانا جو انتقال ٿي ويو.[21] بهرحال هن ڪتاب جو پهريون ايڊيشن ۱۹۵۰ع ۾، ٻيو ايڊيشن ۱۹۶۵ع ۾ ۽ ٽيون ايڊيشن ۱۹۶۸ع ۾شايع ٿيو. علي نواز وفائي 'ٻه اکر' ۾ لکي ٿو:

”'لطف اللطيف' ڪافي ڏوڪڙن ۽ ڪشالن ڪڍڻ کان پوءِ جڏهن ڇپجي تيار ٿي ماڻهن جي هٿن تائين پهتو تڏهن نادر ۽ تاريخي ڪتاب پنهنجي لاءِ ڪافي قدردان پيدا ڪيا ۽ ڪجهه حصو بي اي آنرس جي شاگردن ۽ ٽريننگ ڪاليج جي سنڌي ماسترن جي ڪورس ۾ هجڻ سبب نيڪال ٿي ويو، رهيل نسخا سنڌي ادب جا چاٽو هٿو هٿ کٽندا رهيا.“[22]

هي ڪتاب ڪل تيرنهن فصلن تي مشتمل آهي، جن جا عنوان هن ريت آهن: حسب نسب، تعليم ۽ تربيت، سلسله طريقت ۽ بيعت، مريديءَ جو سلسلو، سيرو سفر، وقت جي وڏن ماڻهن سان ملاقاتون، شادي ۽ پٽ جي آبادي، وقت جي ڪن ماڻهن جون





مخالفتون، شاهه جو مذهب ۽ عقيدو، شاهه صاحب جا حڪيمانه قول، متفرق آکاڻيون، شاهه صاحب جي رهڻي ۽ عادتون، شاهه جو ڪلام.

هن ڪتاب جي سلسلي ۾ مواد لاءِ مولانا صاحب کي ڪافي جاکوڙ ڪرڻي پيئي، ڇاڪاڻ ته ان دؤر ۾ اجا شاهه لطيف بابت ڪوگهڻو مواد ڇپجي منظر عام تي نه آيو هو. جيئن پاڻ لکي ٿو:

”شاهه جي حياتي ڪيئن مرتب ڪجي! سندس زندگيءَ جي جزيات جي ڪٿان ڳولها ڪجي؟ ان معاملي تي ويچار ڪندو اڳي پوءِ ٿيندو رهيس ٿي، ته اوچتو پير جهنڊي ضلع حيدرآباد ۾ وڃڻ ٿيو. پير سائين جن جي ڪتب خانه ۾ پراڻن عربي، فارسي قلمي ڪتابن جا وڏا ڍير لڳا پيا هئا. مهتمم ڪتب خانه جي معرفت ٻه چار ڏينهن ويهي، اهي ڍير اٿلايم پٿلايم جتان شاهه صاحب جي حياتي لکڻ جو ڪجهه مواد هٿ آيو.“[23]

مولانا وفائي صاحب، شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي زندگيءَ جي حالات ۽ واقعن کي ترتيب ۾ آندو ۽ نهايت دلپذير اسلوب ۾ انهن کي بيان ڪيو آهي، اختلافي راين ۽ وضاحتن کي نهايت سليقي سان حاشين ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

فصل ٻيو شاهه لطيف جي تعليم ۽ تربيت بابت آهي، جنهن جي شروعات ۾ شاهه صاحب جي ننڍپڻ ۾ تعليم پرائڻ دوران الف کان پوءِ بي نه اچارڻ ۽ شاهه صاحب جي امي هجڻ واري روايت بيان ڪئي وئي آهي. ۽ بعد ۾ ان جي رد ۾ آيل دليلن کي بيان ڪيو ويو آهي جهڙوڪ:

ڊاڪٽر ٽرمپ صاحب جنهن شاهه جو رسالو ۱۸۶۶ع ۾ ڇاپيو هو، تنهن رسالي جي منڍ ۾ لکيو آهي ته: ”شاهه صاحب جي اڻ پڙهيل هجڻ واري دعويٰ کي رد ڪرڻ لاءِ سندس ديوان (رسالو) ئي ڪافي ثبوت آهي جنهن ۾ هن عربي، فارسي زبانن جا اونها محاورا ڏيکاريا آهن.“[24]

پر اڳين جملن ۾ مولانا صاحب سندس مخالف راءِ کي تقويت ڏيندي لکي ٿو:

”هڪ انگريز عالم ڀلا هن ڳالهه تي ڪيئن اعتبار ڪندو، ته روحاني حالت جي روشن ٿيڻ سان اڻ پڙهئي انسان تي ڏاتر جي ڏات ٿيندي آهي ۽ اندروني علم جي پالوت پلتبي آهي.“[25]

مولانا صاحب جيتوڻيڪ ڊاڪٽر گربخشاڻي، مرزا قليچ بيگ، مير علي شير قانع ۽ قاضي هدايت الله مشتاق متعلوي جا پڻ شاهه صاحب جي اڻ پڙهيل هجڻ جي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مخالف توڙي موافق رايا ڄاڻايا آهن، پر آخر ۾ پنهنجي راءِ اڻ پڙهيل هجڻ جي موافقت ۾ هن ريت ڏني اٿس: "اسان جي ڄاڻ ۾ تحقيق موجب شاهه صاحب رواجي نموني ۾ ڪنهن به استاد وٽ تعليم ڪانه ورتي هئي، پر هو پنهنجو پاڻ مطالع ڪندو ۽ علم پرائيندو ويو، لکڻ نه سکي سگهيو، پر پڙهڻ جو پاڻ ۾ چڱو محاورو پيدا ڪري ورتائين."(٢٦)

اهڙيءَ ريت فصل نائون جيڪو شاهه صاحب جي مذهب ۽ عقيدي بابت آهي ۾ سر ڪيڏاري شاهه صاحب جي هجڻ يا نه هجڻ بابت اختلافي مسئلي کي بيان ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ فقط ۽ فقط ڪيڏاري جي شاهه صاحب جي سر نه هجڻ بابت ئي دليل ڏنا ويا آهن. جيئن مرزا قليچ بيگ ۽ مير عبدالحسين سانگيءَ جي اختلافي راين ڏيڻ بعد وفائي صاحب پنهنجي راءِ هن ريت ظاهر ڪئي آهي: "هن کوجنا کان پوءِ گهٽ ۾ گهٽ هيترو ته ثابت ٿئي ٿو ته، سر ڪيڏاري بابت يقيني طرح سان چئي ٿي نه سگهبو ته ڪو شاهه صاحب جو چيل آهي، پر جيڪڏهن هيئن چيو وڃي ته، شاهه صاحب جو چيل ئي نه آهي، ته ڪنهن حد تائين درست ٿي سگهي ٿو."(٢٧)

انهن سڀني ڳالهين باوجود مولانا وفائي صاحب شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي حياتي، شخصيت ۽ سندس ڪلام بابت ٢٤٠ صفحن تي مشتمل هن مختصر پر جامع ڪتاب ۾ شاهه لطيف جي دؤر جي حالتن ۽ واقعن جي تذڪري کي پسمنظر سميت بيان ڪري سچ پچ ته 'ڪوزي ۾ سمنڊ سمائڻ' وارو مثال قائم ڪيو آهي.

مولانا صاحب پنهنجي ڪتاب جو تعارف ڪرائيندي، نهايت انڪساريءَ سان لکي ٿو: "اوهان کي هيءُ ڪتاب پڙهندي نه فقط شاهه ڀٽائيءَ جي حالات کان واقفيت ٿيندي، پر ١٢ صدي هجري ۾ سنڌ جي تاريخ جو هڪ صحيح صفحو سامهون اچي ويندو. ان کان سواءِ شاهه صاحب جي همعصرن جون مختصر حياتيون ۽ سنڌ جي تهذيبي ۽ تمدني معلومات جو به گهڻي حد تائين پرو (ڏس پتو) پئجي ويندو. تاريخي خشڪ مضمون جي ٻوليءَ کي اديباڻي انداز ۾ ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري نه سگهيو آهيان، جو ڪجهه قلم مان نڪرندو ويو، ان تي ثاني نظر جي نوبت به ڪانه آئي، ان هوندي به هڪ سنڌيءَ جي ڄاڻو لاءِ ادبي لحاظ کان به هن ڪتاب ۾ چڱي موڙي سهيڙيل آهي."(٢٨)

## شاهه جي رسالي جو مطالعو:

Shah Abdul Latif Bhitai Chair





پهريون ڇاپو: ١٩٦٢ع، ٻيو ڇاپو: ١٩٧٦ع، صفحا: ١٩١ (ٻيون ڇاپو)، ڇپائيندڙ ادارو: وفائي پبلشنگ هائوس ڪراچي.

هيءَ ڪتاب مولانا وفائي صاحب جي سڀ کان آخري تصنيف آهي، ڇاڪاڻ ته سندس وفات سبب هي ڪتاب اڻ پورو رهجي ويو. مولانا وفائي صاحب جو دوست ۽ سنڌ جو هڪ وڏو مؤرخ ۽ عالم پير حسام الدين راشدي ان جي وضاحت ڪندي ٻڌائي ٿو: "١٩٤٩ع جا پويان پساهه هئا ۽ ١٩٥٠ع جي اچڻ ۾ پانيان ڪا پهر پاڇي جي دير هئي. مولانا دين محمد وفائي مرحوم سنڌ جي عظيم شاعر شاهه لطيف تي هڪ ڪتاب پورو ڪري ٻيو هٿ ۾ ڪٽي چڪو هو.... 'لطف اللطيف' جنهن جو نالو پوءِ معلوم ٿيو، پريس ۾ هو... باقي رهيو شاهه لطيف تي سندس ٻيو ڪتاب، انهيءَ جو هڪ نامڪمل فقرو سندس ڪَٽُ مان نڪتو ئي هو جو قضا جي قلم جو وهڻ وهي ويو."(٢٩)

هيءَ ڪتاب ستن فصلن يا بابن تي مشتمل آهي:

فصل پهريون: شاهه صاحب جي وقت ۾ سنڌ جي انقلابي حالت

فصل ٻيون: شاهه صاحب جي وقت ۾ سنڌ وارن جي رهڻي ۽ گذراني حالت.

فصل ٽيون: سنڌ ۾ اميري ۽ غريبي

فصل چوٿون: سنڌ جا پکي

فصل پنجون: سنڌ جا ڪي ٻيا جانور

فصل ڇهون: شاهه جو ڪلام ڪيئن گڏ ڪيو ويو.

فصل ستون: رسالي ۾ ڌاريون ڪلام.

پهرئين باب ۾ مصنف شاهه صاحب جي دؤر يعني ڪلهوڙن جي دؤر جي حالتن ۽ واقعن جي اپٽار ڪندي، شاهه لطيف جي شاعريءَ جي فڪري مقصدن ۽ ڪارجن کي واضح ڪيو آهي. جيئن هيٺين عبارت مان پڌرو آهي:

"شاهه صاحب پنهنجي زماني وارين نرالين حالتن کي سامهون رکندي، نه فقط سنڌ وارن کي ڌارين جي غلاميءَ کان آزاد رهڻ لاءِ آواز بلند ڪيو، پر ان سان گڏ صوفياڻي رنگ ۾ سنڌ جي هندن کي به ان حد تائين پنهنجي ويجهو آندو آهي، جو هُو شاهه صاحب جي ٻوليءَ ۾ اهو سڀ ڪجهه چوڻ لڳا، جو هڪ پڪو موحد مسلمان کلي دل سان چئي سگهي." (٣٠)

اهڙيءَ ريت فصل ٻئي کان فصل پنجين تائين سنڌ جي سماجي جيوت،

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

اقتصادي ۽ سماجي حالتن، ريتن رسمن، رهڻي ڪهڻي، تهذيب ۽ ثقافت سان گڏ پکين ۽ جانورن جي سنڌي سماج جي جوڙجڪ ۾ ڪارج ۽ ڪردار کي شاهه صاحب جي شاعريءَ جي روشنيءَ ۾ واضح ڪيو ويو آهي.

ان کان پوءِ فصل ڇهين ۾ شاهه صاحب جي ڪلام جي گڏ ٿيڻ جي تواريخي مرحلن سان گڏ مختلف اهم قلمي ۽ ڇاپي نسخن جي مستند هجڻ واري معيار کي بحث هيٺ آندو ويو آهي.

اهڙيءَ ريت فصل ستين ۾ شاهه صاحب کان اڳ توڙي پوءِ جي نامور شاعرن جي ڪلام جي شاهه جي شاعريءَ ۾ گڏ وچڙ ٿيڻ ۽ شاهه صاحب جي نج پنهنجي ڪلام ۽ ڏارئين ڪلام جي نکيڙ واري موضوع کي زير بحث آندو ويو آهي.

سچ پچ تہ مٿي ڄاڻايل ست فصل علمي تحقيق جي ڪيتر جا پنهنجي طور تي مستقل عنوان آهن، جن تي مولانا وفائي صاحب ’سمنڊ سمايو بوند ۾‘ جي مصداق، ورهين جو تحقيقي ڪم انتهائي مختصر عرصي، يعني چند مهينن اندر ڪري هڪ وڏو علمي ڪارنامو سر انجام ڏنو.

مولانا وفائي ان کان سواءِ بہ تحقيق جي گهڻن رخن ۾ ڪم ڪيو. ادب، صحافت، لغات، تاريخ ۽ تذڪري بابت بي مثال تصنيفون يادگار ڇڏيائون، پر جڏهن لطيفيات تي قلم کنيائون، تہ ان تي بہ اڻ مٽ نشان يادگار ڇڏي ويا.

## حوالا


١. شاهجهان پوري، ابو سلمان، ڊاڪٽر، ’مولانا دين محمد وفائي سوانح شخصيت و علمي خاندان‘، مولانا دين محمد وفائي اڪيڊمي ڪراچي، ١٩٩٢ع، ص: ١٠٥.
٢. ساڳيو، ص: ١٠٦.
٣. ساڳيو، ص: ١٠٧ -١٠٦.
٤. ساڳيو، ص: ١٠٧.
٥. وفائي، دين محمد، مولانا، ’تذڪره مشاهير سنڌ‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ١٩٧٤ع، ص: ٢٢٣.
٦. شاهجهان پوري، ابو سلمان، ڊاڪٽر، ’مولانا دين محمد وفائي سوانح شخصيت و علمي خاندان‘، مولانا دين محمد وفائي اڪيڊمي ڪراچي، ١٩٩٢ع، ص: ١٠٩.
٧. ابڙو حبيب، ’مولانا دين محمد وفائي‘، سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتو، ص: ٦.
٨. شاهجهان پوري، ابو سلمان، ڊاڪٽر، ’مولانا دين محمد وفائي سوانح شخصيت و علمي خاندان‘، مولانا دين محمد وفائي اڪيڊمي ڪراچي، ١٩٩٢ع، ص: ٢١.







٩. وفائي، علي نواز، ’يادگار مولانا وفائي‘، وفائي پبلشنگ هائوس ڪراچي، ١٩٧٣ع، ص: ٥٣-٥٤.
١٠. مولانا محمد نور مڪي، ماهوار ’توحيد‘ ڪراچي، مولانا وفائي نمبر، اپريل ١٩٥٠ع، ص: ١١.
١١. وفائي، علي نواز، ’يادگار مولانا وفائي‘، وفائي پبلشنگ هائوس ڪراچي، ١٩٧٣ع، ص: ٥٦.
١٢. شاهجهان پوري، ابو سلمان، ڊاڪٽر، ’مولانا دين محمد وفائي سوانح شخصيت و علمي خاندان‘، مولانا دين محمد وفائي اڪيڊمي ڪراچي، ١٩٩٢ع، ص: ٣١٢.
١٣. سرشار، عقيلي الله بخش، ’مولانا دين محمد وفائي‘، مرتب: شاهجهانپوري، ابو سليمان ڊاڪٽر، ١٩٩٢ع، ص: ٧٦.
١٤. ابڙو، حبيب، ’مولانا دين محمد وفائي‘، سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتو، ڇاپو پهريون، ١٩٩٠ع، ص: ٩.
١٥. سيد، جي ايم.، ’جنب گذاريم جن سين‘ (ڇاپو ٽيون)، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ٢٠٠٤ع، ص: ٤٤١- ٤٤٠.
١٦. راشدي، پير علي محمد، ’اهي ڏينهن اهي شينهن‘، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ٢٠١٠ع، ص: ٥١٩.
١٧. ساڳيو، ص: ٥٢١- ٥١٩.
١٨. وفائي، علي نواز، ’يادگار مولانا وفائي‘، وفائي پبلشنگ هائوس ڪراچي، ١٩٧٣ع، ص: ٢١٢، ٢١١.
١٩. وفائي، دين محمد، ’لطف اللطيف‘ (ڇاپوپهريون)، مهراڻ پبلشنگ ڪمپني ڪراچي، ١٩٥٠ع، ص: الف.
٢٠. ابڙو، حبيب، ’مولانا دين محمد وفائي‘، سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتو، ڇاپو پهريون، ١٩٩٠ع، ص: ٢٣.
٢١. شاهجهان پوري، ابو سلمان، ڊاڪٽر، ’مولانا دين محمد وفائي سوانح شخصيت و علمي خاندان‘، مولانا دين محمد وفائي اڪيڊمي ڪراچي، ١٩٩٢ع، ص: ٢٧٤-٢٧٣.
٢٢. وفائي، دين محمد مولانا، ’لطف اللطيف‘، وفائي پبلشنگ هائوس، ڪراچي، ١٩٧٨ع ص: ١.
٢٣. ساڳيو- ص: ج.
٢٤. ساڳيو، ص: ١٦.
٢٥. ساڳيو، ص: ١٧-١٦.
٢٦. ساڳيو، ص: ٢٥.
٢٧. ساڳيو، ص: ١٥٣.
٢٨. ساڳيو، ص: ج.
٢٩. وفائي، مولانا دين محمد، ’شاهه جي رسالي جو مطالعو‘، (مهاڳ)، وفائي پبلشنگ هائوس ڪراچي، ١٩٧٦ع، ص: ١٠- ١١.
٣٠. ساڳيو، ص: ٧٢- ٧١.




Shah Abdul Latif Bhitai Chair